جنم دن جي سوکڙي

[دادا جو ايڊيشن]

اَڄوڪي ڏينهن اوهان کي مان ڇا ڇوان؟ اَڄ سويل صبوح جو جڏهن مان وڃي ويٺس، سانت ۾ ۽ سڀني کان پري، بند ڪوٺيءَ ۾، جڏهن مان وڃي ويٺس، مون ائين سمجهو جڻ ته مون کان منهنجو سائين پڇي ٿو: ڇا ٿيو ٿيي؟ منهنجو سائين اَڄ سويل صبوح جو مون کان ڇا ٿيو ٿيي؟ ” منهنجا ٻالڪ! اَڄوڪي ڏينهن توکي ڪهڙي سوکڙي؟ ڪهڙي سوکڙي مان توکي ڏيان؟“ ۽ اُن وقت مون پنهنجي دل جي اندر ڇا ڇيو؟ مون ڇيو:- ” سائين! هيءَ منهنجي ٻيڙي پراڻي! هن زندگيءَ جي ٻيڙي پراڻي: سنسار ساگر، اُن ۾ وهي پيو تکو پاڻي! لهرون اُڇن پيون، لهرون اٿن پيون! ڪيئون تيز لهرون تن منجهان، منهنجا ٺاڪر! هيءَ ٻيڙي پراڻي تون هلاءِ! ۽ هن ساگر ۾ آهن مانگر مڇ، هن ساگر ۾ آهن

کي ڏاڍو پياري. ڌيءَ ۽ پنهنجي ماتا کي پياري.
ماتا جو جنم دن اچي ٿو. اُن ڏينهن ٻالڪي هڪ
شهر ۾ آهي، ۽ ماتا ٻئي نگر ۾ آهي. ۽ هيءَ ٻالڪي
پنهنجي ماتا کي اِڪ سندر شيءِ موڪلي ٿي،-
جنم دن جي سوکڙي. ماتا کي اِڪ سندر چانديءَ
جو ٻرتن موڪلي ٿي. اُن وقت ماتا ڇا ٿي چوي؟
پوءِ پنهنجي خط ۾ ڪيئن ڇا ٿي لکي؟ پنهنجي ڌيءَ
کي لکي ٿي هن طرح :-

”منهنجي پياري ٻالڪي! هي سوکڙيون مون
کي نه کپن. سندر شيون تون مون کي موڪلين ٿي،-
سندر ٻرتن، سندر مورتون، سندر ڪتاب ـ مون کي
تون موڪلي رهي آهين، پر اهي مون کپن ڪين.
منهنجي پياري ٻالڪي! مون کي هي کپن ڪين!
مون کي کپين تون! منهنجي ٻالڪي! مونکي کپين تون!
مون کان ڇو پري رهين آهين؟ مون کي تون کپين!“
۽ مان ائين پيو سمجهان ته. اڄوڪي ڏينهن
منهنجو سائين مون کي ۽ هڪ کي چوي ٿو:-

واڳهوءَ: مهنجا سائين! تن ڪان هن ٻيڙي ٻراٽيءَ کي تون بچاءِ، پاڻيءَ مڇهان تون هلاءِ! هن خوفناڪ جانورن کان ٻيڙيءَ کي تون بچاءِ! هيءَ ٻيڙي ٻراٽي مهنجي پوُر بندر پهچاءِ!"

اَج اها پاونا دل جي اَندر ڪٽي آبو آهيان، اها پرارٿنا، اها اَندر جي پڪار:- " سائين! هيءَ ٻيڙي ٻراٽي تون پوُر بندر پهچاءِ!" ائهن ڪري پهرين اوهان سڀني جي چرنن ۾ سر ٿو جهڪايان. قصور مهنجا ٿيا آهن وري وري: سڀ قصور مهنجا معاف ڪجو، گناه مهنجا بخشو! پڳل اوزار سائينءَ جو آهيان: اُن کي پنهنجن چرنن ۾ قبوليو. نه نه هـــيءَ ٻيڙي ٻراٽي پوُر بندر ڪيئن پهچي؟ مهنجي لاءِ وڏيـڪ وڏيڪ پرارٿنا ڪريو ته توهان جي شيوا واسطي ٿوري ڪجهه لائقي مهنجي جيون ۾ ڪلي.

مون کي هڪ ننڍڙي ڳالهه ياد آچي ٿي. اها ڳالهه مون پڙهي: اُن کي ڪيترو نه وقت ٿيو! اها ڳالهه آهه هڪ ڇوڪريءَ جي. ماتا پنهنجي ٻالڪيءَ

ـي ڏي ٿـون پنهنجي دل! پنهنجي دل ڏي،
نهنڪري خوديءَ کان پوءِ رهه!" آسان جو ستسنگ
چا نه ٿي پوي. ڪهڙي نه ٺهين رونق، ٺهين صورت
چمڪي، جيڪڏهن آسان مان هڪ هڪ پنهنجي
خودي ڦٽي ڪري، ۽ جيڪڏهن آسان مـان هڪ
هڪ پنهنجي "مـان" "مـان" ڇڏي ۽ "مان"
" مـان" ڇـڏي اڪ سنگت، اڪ ستسنگ، جو
ڇو شيوڪ، سڄي شيوڪا ٿئي. سائين گهري ٿـو
ـل: نهنڪري خودي ڇڏيو.

اُهو سنت جو فقير، جنهنجي اڳي مان وري وري
ڏهندو آهيان، هڪ هنت لکي ٿو هن طرح. ڪهڙا
مٿا اڪر!

"جان جان پسين پاڻ کي، تان تان ناهه نماز."

مسلمانن کي چوي ٿـو. چـــو نه سنت پر ڪيترا
سلمان آهن. هي پيارو چوي ٿو:- "نماز توهين پڙهو
! پر ڪهڙي ڪم جي نماز، جي خودي نه ڇڏي
و،- جيستائين تون پاڻ کي پيو ڏسين، جيستائين

”پيارا ٻالڪ! پياري ٻالڪي! مون کي تون کپين!“ اَوهين اَڄوڪي ڏينهن خوشي ملهايو ٿا، اوهين اَڄوڪي ڏينهن سائينءَ کي ياد ڪريو ٿا، سندس شيون دان ڏيو ۾ ٿا، پئسو پدارٿ توهين دکين واسطي ڏيو ٿا: اَوهان کي مبارڪ! پر سائين چوي ٿو آسان مان هڪ هڪ ٻالڪ، ٻالڪيءَ کي:- ”پيارا! پياري! مون کي کپين تون!“ تنهنجو مطلب ڇا آهي؟ سائين چوي ٿو هڪ هڪ کي:- ”مون کي تنهنجي دل کپي!“ سائينءَ کي کپي دل. پئسو پدارٿ اَوهين دکين غريبن جي شيوا ۾ ڏيو ٿا، مبارڪ: پر سائينءَ کي کپي هڪ هڪ جي دل.

سا دل ڪٿان ڏجي؟ سائينءَ کي دل ڪٿان ڏجي؟ جڏهن اَندر مان اَيمان ڪپيون، خوديءَ ڪپيون. ۽ جو اَندر مان خوديءَ کي ڪپي ٿو، سوئي ڏئي ٿو سائينءَ کي، جيڪي گهري ٿو. سائين گهري ٿو دل! ۽ هڪ هڪ کي سائين چوي ٿو:- ”منهنجا ٻالڪ! منهنجي ٻالڪي! منهنجا پياءُ! منهنجي پيڙ! مون

ڪنهنجو ساز ۽ مان وڄايو، وڏو عملدار آهيان، ماڻهو
مون کي مڃين ٿا، منهنجي پوڄا ڪن ٿا.

فقير چوي ٿو:- "اي پيارا! اهي سڀ ساز ڦٽا
ڪر! اڪيلو اڪيلو پنڌ ڪوئيءَ ۾ ويهي تون
پنهنجي پريوءَ جي آراڌنا ڪر!" اهي اوزار، اهي
تنبورا، اهي سارنگيون ستارون، دنيا جي حڪمراني،
پيسو پدارٿ، مان شان، عهدو اقبال سڀ تون ڦٽو
ڪر! پوءِ وڃي سائينءَ جي چرنن ۾ سر جهڪاءِ، ۽
سائينءَ جي بندگي ڪر!

مون اڄ ٻاٽ کي ٿي چيو آهي ۽ اهي اکر مون
لاءِ آهن. شايد اوهان مان ڪيترن لاءِ آهن،
جي ستسنگ ۾ اچو ٿا، اچي ويهو ٿا.
ڀلي اچو! بيشڪ اچو! روز اچي هت
ويهو: پر نماڻا ٿي، نمرتا ۾ اچي هت ويهو، ستگر
جي چرنن ۾ ويهو! هڪ ڏينهن ستگر اوهانکي پنهنجو
روپ ڏيکاريندو، اچي ستگر پنهنجو اوهان جي روبرو!
حال پڇي، جلدي پڇي! هن داس تي آسيس ڪري!
اوهان سڀن تي آسيس ڪري! اوهان جو مانک جنم
سڦل ٿئي!

تون خوديءَ جا خيال پيو اندر رکين، اوستائين تون
سچي نماز نٿو ڪرين، سچي بندگي، سچي پرارٿنا
پرڀوءَ کي نٿو ڪرين!“

پوءِ ٻي سٽ سا ٻه گهڙي نه ملي آهه! ٻـيءِ
سٽ ۾ هي فقير چوي ٿو:-

”سڀ وڄائي ساز، تهان پوءِ تڪبير چئه.“

چئه پرارٿنا، چئه تڪبير، ڪر بندگي، سائينءَ
جي بندگي، سائين کي پرارٿنا ڪر. پر پهرين ايمان
ڇڏ. ”سڀ وڄائي ساز“: پنهنجا ساز سڀ ڦٽا ڪر!
ڏسو! اسان کي پنهنجي ساز جو ڪيڏو نه ايمان آهه!
ڪو ڏاڍو مٺو راڳ ڳائي سگهي ٿو ستار تي: ايمان
۾ پوڄي وڃي ٿو. فقير چوي ٿو:- ڦٽي ڪر پنهنجي
ستار، ڦٽي ڪر پنهنجي سارنگي ۽ ساز، جيڪڏهن
ان ڪري تنهنجي اندر ايمان اچي ٿو. ”سڀ ساز
وڄاءِ“: ڪنهنجو ساز آهي ستار، ڪنهنجو ساز آهي
تنبورو، ڪنهنجو ساز هارمونيم، ڪنهنجو ساز پيسو
پدارٿ، ڪنهنجو ساز مان شان، جو دنيا ۾ ملي ٿو،

اکر شايد پورا ياد نه هجن، پر اُنهن اکرن جي معني
هيءَ هئي :-

رهه، دل نماڻو، ٿِسي خوديءَ کان خالي،
نه پائين اون تون نه، پيارا، پنهنجو ڪرشن پيارو!

جيڪڏهن تون ڪرشن کي پائڻ چاهين ٿو، ٥٥
سال اڳ پوڙو جنماشٽميءَ جي ڏينهن پياري دادا
اُنهن لکيو ته جي تون پنهنجي پريوءَ کي پائڻ چاهين
ٿو ته هڪ ڳالهه ڪر:- ”رهه، دل نماڻو.“ پنهنجي
دل نماڻي ڪر. خوديءَ کان خالي ٿي. ڇو نه ياد
رک، تنهنجي ۽ تنهنجي ڪرشن جي وچ ۾ اٽڪي
فقط هڪ پردو. اهو پردو آهي خوديءَ جو. خوديءَ
جو پوي ڪر. اها سکيا بيشڪ حيدرآباد ۾ اڪ نئين
سکيا پئي لڳي، ڇو ته اُس حيدرآباد ۾ ڪيترا ديوان
رهندا هئا، جن کي ديواني دم هوندو هو. اها سکيا
ٻڌڻ ٿا. کين عجب لڳي ٿو. اُسين نه پيا ڇڏون ته
اُسين دم ۾ وڏون. هي ساڌو اُسان کي چوي ٿو،
نماڻا ٿيو.

دادا جشن جو جنماشٽمي اُيڊيشن - (٢)

پياري دادا جي سکيا

وڏيڪ توهان کي مان ڇا چوان؟ ڪيترين ئي اُصولن، ڪيترا ئي نظارا اکين اڳيان ڦري رهيا آهن، پر ان جي ذڪر ڪرڻ جو وقت ڪين آهي. ٥٥ سال اڳ پياري دادا ستسنگ شروع ڪيو ۽ ان ستسنگ دوارا ڪهڙي سکيا ڏيڻ جي ڪوشش پئي ڪئي. پياري دادا جي سکيا ۾ زور ڏنل هو:- (١) نماڻا ٿيو. توهين ڇا آهيو؟ ڪجھ ڪين! جيڪي آهيو، توهان تي ايشور جي ڪرپا ٿئي آهي. ويچار ڪريو، جڏهن ڏينهن جاواسين، اسان جي حالت ڪهڙي هئي؟ ڪو وڏو ڪي اسان کي اُٿائي ڪٺي وٺي ها. اسين ڪجھ ڪري ڪين سگهون ها. ان ڪري اُيمان کان پري رهون. ڀرڻين ٿئي ڀرڻين ڏينهن جڏهن ستسنگ شروع ٿئي ٿو، شانتي پياري دادا کان سمجھو گھوري ٿي. ان سمئي جا ڀرڻ

باغ بغيچا، هي بيو ٻڌارڻ، انهن جا زيور، انهن جون
عمارتون، انهن جا هيرا جواهر، سڀ هتي رهجي ويندا.
اڪ ٻڌارڻ آئيني اندر ٻڌارڻ، ٻيو ٻڌارڻ، جو
انسان ملندو. اهو آئيني نام جو ٻڌارڻ. اهو نام
اندر ملندو، جڏهن تون پڪاري ٿيندين، مسڪينو ٿيندين،
نماڻو ٿيندين، ڪجهه ڪين ٿيندين، آپي ديا در تي
تون پکيا پوندين، توکي نام جو ٻڌارڻ ملندو.

پياري دادا جي سکيا ۾ هن ڳالهه تي زور ڏنل
آهه ته روز سانجهه جو ڪجهه ابياس ڪريون، وڏي
سنتن سنپوڪن جي جيون چرتر جو ڪجهه وچار ڪريون،
ايشور جي چرڻن جو ڌيان ڪريون.

ٽين ڳالهه: نه وساريو ته نام جا پڳل روپ آهن
دکي دردي، دين مسڪين، پسون پکي، جي روز
روز سوين لکن جي تعداد ۾ پيا ڪسجن، پيا مارجن.
ڇا واسطي؟ انسان چوي ٿو، موکي سوادي کاڌو
کپي. ان ڪري روز روز ڪيترا پکي پسون ڪسجن
پيا. اهي نام جا پڳل روپ آهن. تون روز روز مدد

اسان مان گھڻن اِها سکيا ڪرڻ ڪئي آهي؟ ٥٥ سال ٿي ويا آهن، اسان مان گھڻا خوديءَ کان خالي ٿيا آهيون؟ اِهو سوال مان اوهان آڏو رکان ٿو. جواب ۾ هڪ هڪ کي ڏيڻو آهي. ڀوڳن سکيا اِها، نماڻا ٿيو، خوديءَ کان خالي ٿيو. ڇا آهه، جو توهان جو آهه؟ ڪجھ ڪين! سڀ ڪجھ جڳت توهان کي آهه، ڀڳوءَ جو ڏنل آهه. اِن واسطي ۾ وڃي دکي دنيا جي سيوا ڪريو. اِها ساکي هن ٻن پيمن شانتي ۽ ڀارپتي ۽ سندن ٻوجھ پتا ڪاڪي مدگھمل ڏني. ٽن ڏينهن ۾ حيدرآباد ۾ دان جي گھڻي خبر ڪين هوندي هئي. ٻه هن ٿورهي اسان جي اڳيان عجيب مثال رکيو.

ٻي ڳالهه: تون نماڻو ٿيندين، ٻکاري ٿي ٻيهندين ڀڳوءَ جي در تي، توکي بخشش ملندي. جاچڪ، منگتو ٿي اچي. در تي ٻيهه. توکي نام جي بخشش ملندي، تون سياڻو ٿيندين. نام ئي اُتم هڪ ٻدارت، جو نتيه آهي. ٻيو سڀ ڪجھ انتيه آهي، ڦاني. توسان هلندو ڪين. هي ٻنگلا ماڙيون، هي

شري ڪرشن ڪيترين ڳالهيون ٻڌائي ته پرڪرتيءَ بابت، پرش بابت، ٽن گڻن بابت، ڪرم بابت، سنياس بابت، تياڳ بابت، يگنيءَ بابت، اگيان بابت. پڇاڙيءَ ۾ شري ڪرشن چوي ٿو:- اَرجن! تون مون کي ڪيڏو نه پيارو آهين! ان ڪري مان توکي هي گپت گيان سڻايان ٿو. اهو گپت گيان تون دل جي دليءَ ۾ سانڍج.

ڌرمن سڀن جو ڪري تياڳ اَرجن،
تون منهنجي شرن آءُ!
نه پاپن جا بندن سڀئي آنءُ توڙيان،
اَچي مڪتي پاءِ!

اَرجن منهنجا پيارا! ڌرم سڀ ڇڏ تون. فقط منهنجي شرن ۾ اَچ. منهنجا پاپن جا بندن سڀئي آنءُ توڙيندس. توکي مڪتي ملندي: مڪتي پد تون پراپت ڪندين. پوءِ ڦيرن ۾ ڪون گهڙندين. فقط منهنجي شرن ۾ تون اَچ. شرن ۾ اَچڻ آهي منهنجي جيون شري ڪرشن کي اَرپڻ ڪرڻ. ان ڪري جيڪو به

۾ ٺاڪرن جي پوڄا ڪرڻ ٿو، پر هي ٺاڪر جا روپ
هلندڙ چلندڙ ڳالهائيندڙ روپ، دکي دردوندن، ٻسون
ٻکي، تن سان تون ڪهڙي هلت هلين ٿو؟ پوءِ
ٺاڪر وٽ ڪهڙي پوڄا ڪئي پهچندي؟ انڪري پياري
دادا اهو آواز اٿاريو. اهي اکر اڪريل آهن سونن اکرن ۾
پياري دادا جي پتلي جي Pedestal تي:- ”غريبن
جي سيوا هئه پرڀوءَ جي پوڄا!“ توهين پرڀوءَ جي
پوڄا ڪرڻ ٿا چاهيو ته وڃي غريبن جي شيوا ڪريو.
چوٿين ڳالهه: شيوا ڪريو. پنهنجو ڪم ڪار
ڪريو، پنهنجو ڌنڌو وهنوار هلايو، پر ائين نه سمجهو
توهين ڪجهه ڪري رهيا آهيو. ڪرشن جي شڪتي
اهو ڪري رهي آهي. اها پرم شڪتي جڏهن توهان
جي دوارا ڪم ڪري ٿي، تڏهن توهين ڪم ڪري
سگهو ٿا. ان ڪري سڀ ڪم ڪريو ”ڪرشن ارپڻ“.
شري ڪرشن اڄي اهو گيت گيان ڏنو گيتا ۾:- ارجن
منهنجا پيارا! اڄ ته مان توکي ٻڌايان. ڪيترين
ڳالهين مون توکي ٻڌايون آهن. ١٧ ۽ ١٨ اڌيائن ۾

وٺ اچي رهه." ٻالڪا چوي ٿي:- "مان لائين ڪندي۔س
ڪين." سندس دل منجهان اچي ٿي اها پڪار:-
ڪرشن اَرپڻم!

ڇتوپج جهنگلي قومن ۾ وڃي ٿو. ڪيس چون ٿا:-
"توکي ماري ڇڏيندا." هي چوي ٿو:- "مان ڪرشن
جي پريم جو پيغام وٺي ڪٿي وڃان ٿو." سندس دل
اندر هيءَ هڪ ڀاونا:- ڪرشن اَرپڻم!

وقت منهنجو گذري ويو آهي. ڇهن سکيائن جو
توهان سان ذڪر ڪيو اٿم. ٻيون ڪيترين سکيائون
پياري دادا ستسنگ جي دوارن ڏنيون. شل اُنهن
مان ڪا هڪ سکيا ڪٿي اسين پنهنجي جيون ۾
اپنايون. اسين ۾ نوان ٿي پئون. ياد رکجو، جيسين
اسين نوان نه ٿيا آهيون، اسان جو هتي پرٿويءَ تي
اچڻ اجايو آهي. پل مان ڪيترو ۽ لکاپتي، ڪروڙپتي
ٿيان، پل موڪي مان شان ملي، مان سرڪار جو وڏو
وزير ٿيان، جي مان نئون نه ٿيو آهيان، جي مون
نوجيون پراپت نه ڪيو ته منهنجو پرٿويءَ تي اچڻ
اجايو ٿيو.

ڪم ڪرڻو، شيوا جو، ڏاڍي وهنوار جو، گهر جو
ڪم، سڀ ڪم ڪرشن آرپڻم ڪرڻو. پياري دادا
جڏهن پنهنجي نوڪري ڇڏي، ڪيڏو نه وڏو پگهار
پياري دادا کي ملندو هو، ڪيترا نه نوڪر چاڪر،
ڪيڏو نه وڏو شاهي بنگلو. سڀ ڇڏيائين: دل مان
آندر اِها هڪ ڀاونا:- ڪرشن آرپڻم!

رُوپم ۾ سدائين راجا جا وزير هئا. لکاپتي هئا،
محلاتن ۾ رهندا هئا. فقير ٿين ٿا. سڀ ڪجهه ڇڏين
ٿا،- ڪرشن آرپڻم!

رگهونات نوجوان هو، ١٦ ورهين جو. سندس پتا
لکاپتي آن ڌنوان جو. اڄڪلهه جي ڪروڙپتيءَ کان
مٿي. رگهونات کي سڀ سهوليتون هيون، پر سڀ ڇڏي
ڏو. سندس دل اندر اِها ئي پڪار،- ڪرشن آرپڻم!

رانڪا هڪ غريب ماڻهوءَ جي اِستري هئي.
اِڪ شاهوڪار لکاپتي ماڻهو ڪيس اچي للچائي ٿو:-
” رانڪا! تون مون وٽ اچ. مان توکي سڀ سهوليتون
ڏيندس. دنيا جا سڀ مزا تون اچي ماڻ. فقط مون

لان اِها ٽوپن کڻي سگهن. ٻيارو دادا پنهنجا ڪم پاڻ
پيو ڪرائي. وهڻ جون جڳهيون سوليون هڪ ٻي
گاڏيءَ ۾ گڏ مليون. شڪرانا مڃي مالڪ جا!

ٻڙودي ۾ :- رات جو اٽڪل ساڍي ٩ بجي
دادا جشن اَچي ٻڙودي پهتو. سنگت هميشه وانگر
دادا جشن جو سواگت ڪيو. دادا جي رهڻ جو
بندوبست شري اَرجن گيانچنداڻيءَ جي مڪان
" اَنجلي نواس " ۾ ٿيل هو. هن جي سڄي ڪٽنب
کي دادا جشن لاءِ ڪيڏي نه ڀڳتي آهه! پنج پيڙو
۽ ڇهين سيتا گڏجي دادا جشن جي ڪيڏي نه قرب
۽ پيار ۾ شيوا ڪئي!

٢ آڪٽوبر مهاتما گانڌيءَ جو جنم دن هو. اُن
ڏينهن پياري دادا جو ١٠٦ جنم دن پڻ اُت ملهايائون.
اَٽڪل ٤٠ ٻالڪيون " اَنجلي نواس " ۾ آيون. ننڍڙو
ستسنگ ڪيائون. هڪ هڪ ٻالڪيءَ کي وستر ڏنا
ويا. ڪنيا پوڄن ڪارج ٿيو. ٻالڪين مٺا گيت ڳائي
ٻڌايا.

شام جو ٽائون هال ۾ اَنگريزي ميٽنگ ٿي. دادا

نيلوءَ ڏي سنيهو پهرو

پياري نيلوُ ،

جئه دادا شيام! پياري دادا جي ڪٽيا ۾ اُوري گرنٿ جو وچن پڙهي، پياري دادا جي سماڌيءَ تي سر جهڪائي، دادا جشن ۽ نيلمڙي سنگت ۾ آڪٽوبر ڏهين ڪئين ۾ ممبئيءَ لاءِ روانا ٿيا. اُن ڏينهن کان سرڪار ٽرينن جا وقت بدلايا هئا، انڪري ٿورو مونجهارو هو. پپوريءَ تي ٽرين ڏيڍ ڪلاڪ ڪن ليٽي رهي. اُس اِسڪول جا ڪيترا ٻار دادا جشن کي اچي مليا. کين ڪيڏو نه آنند آيو! دادا جشن کين ڪنمنڙا، بسڪوٽ ۽ زيتون کارايا. ممبئيءَ پهتاسين ته ١٢ بجي واري پنجم ايڪسپريس، جنهن رستي پوني وڃڻا هئاسين، سا ڇٽي وئي هئي. آئيءَ فيصلو ڪيو ويو ته ٤-٣٠ جي گانڌيڌام ايڪسپريس وٺي ٿي، اُن ۾ پوني وڃجي. ديوي مايا جي مڪان نارمنڊي ۾ ٿورو آرام ڪري ٻاهر سينٽرل

(٨) جيڪي ٿئي ٿو، اُن ۾ ڀلو آهي. (٩) هر حال ۾ ڀڳوان جا شڪرانا مڃو.

٣ آڪٽوبر ساڌو واسواڻي وديا مندر جي ٻالڪن ٻالڪين پياري دادا جو ١٠٦ جنم ڏڻ ملهايو. ڪيترا درشيه پياري دادا جي جيون مان رنگ منچ (stage) تي ڏيکاريائون. خاص ڪري ”چنڊ دادل! آهين تون ڪٿي؟ دادا جشن جي گيت ۾ ٻارن جو ڏاڍو اُتساهه هو.

شام جو لتارام اسڪول ۾ سنڌي سنگت ٻاران پياري دادا جو ١٠٦ جنم ڏڻ ملهايائون. اُپديش جي وچ ۾ دادا جشن ٻوڌا جي سنگت کي ٻه مٺا اکر چيا، جو جو اُهو ڌيان وسپت جو هو. دادا جشن چيو ته پياري دادا جي سکيا ۾ هن ڳالهه تي زور ڏنل آهي ته هيءَ دنيا اِڪ ٻوندڙ جبل مثل آهي. هر روز اُهو جبل پيو ڦاٽي. ڪڏهن ڪنهن تي، ڪڏهن ڪنهن تي. اِنڪري اُسانکي جڳائي ته اسين تياري ڪريون، تياري ڪندا رهون. فرض پالن ڪريون، دل اندر

جشن جي ليکچر جي وشيه هئي :- ”من جي شانتي
ڪيئن حاصل ڪجي ، خاص ڪري پياري دادا جي
سکيائن موجب.“ سون جي تعداد ۾ مکاني لوڪ
حاضر هئا . هڪ مهمان ميونسپالٽيءَ جو ميئر ڊاڪٽر
موڊي هو. دادا جشن پنهنجي ڀاشڻ ۾ ڀهرين مهاتما
گانڌيءَ جي سکيا ۽ ساکيءَ بابت ٻڌايو ۽ پوءِ چيو ته
اسان مان هڪ سک جي تلاش ۾ آهي. پر سچ
پچ فقط ڪي ٿورا آهن ، جي سکي آهن. سچو سک
اُن کي پراپت ٿئي ٿو، جنهن کي چت شانتي ملي
ٿي. چت شانتي حاصل ڪرڻ لاءِ دادا جشن ٩ عملي
قدم ٻڌايا :-(١) پرڀوءَ جي چرنن ۾ پنهنجو من ٽڪيل
رکو. (٢) صبوح جو اُٿڻ سان پرڀوءَ کي ياد ڪريو.
(٣) رات جو سمهڻ وقت ڪنهن نه ڪنهن سنتپرک
جي باڻيءَ مان پڙهو. (٤) پنهنجا فرض پالن ڪندي
هڪ ڪن به پرڀوءَ کي نه وساريو. (٥) سڀني پراڻين
ماترن کي صلح ۽ شانتيءَ جون لهرون موڪليو. (٦)
سڀو وقت relaxed رهو. (٧) هميشه آشاواڊي ٿيو.

لي آيل هو. شري ۽ شريمتي ستي ساڌواڻيءَ جي گهر دادا جشن کي آرام ۽ شانت سٺي ملندي آهه.

٥ آڪٽوبر صبوح جو سندن گهر ۾ ورڪرس جي ميٽنگ ٿي. ساڌو واسواڻي مشن جي هلندڙ ڪارين- بارن جو وديا مندر، شيوا جو ڪاڄ، ستسنگ وغيره،- بابت ٻاٽ ۾ ويچارن جي ڏي وٺ ڪيائون. ڀائر نانڪ سنگهه، آسن، ستيپال، اَشوڪ، ڪشن نه اُتساھ سان ڪم ڪري رهيا آهن.

شام جو ٽائون هال ۾ اَنگريزي ميٽنگ ٿي. پياري دادا جو ١٠٦ جنم ڏڻ ملهايائون. وقت جو مکيه مهمان جسٽس بي. ڪي. مهتا، گجرات جو هوشيار جج، پياري دادا جو پڪو ڀڳت هو. وشيه هئو:- ”زندگيءَ کي ڪئن مٺو ڏجي، پياري دادا جي سکيائن موجب.“ دادا جشن ٧٠ منٽ ڳالهايو. دادا جشن چيو ته پياري دادا جي سکيا موجب سٺي زندگي رهڻ لاءِ ڇهن ڳالهين جي ضرورت آهه:- (١) پنهنجا بوجا ۽ بار ڀڳوءَ جي چرنن ۾ رکو. ڀڳو اسانجو

پوءِ لاءِ پياس اُٿاريون، نماڻا ٿيون ۽ نه وساريون ته
مالڪ جا مزور آهيون. دکين غريبن، پسن پکين جي
پيٽ ۽ شوڌا ۾ شيوا ڪريون!

اُن نماشام جو خبر آئي ته پياري پيرڻ شيلو، جا
اُسان سان پالوا لي هتي، اُن جي پوجيه ماتا مسز
ديوي ديارام ڪرپالاڻي، پوني ۾ مدجهند جو پرلوڪ
پڌاري. دادا جشن پڪدم سندس لاءِ پوارٿنا ڪئي
۽ پوءِ ستسنگ وقت مٿس پيار جا پشپ چاڙهيا.
پيرڻ شيلو پڪدم پونا واپس موٽي وئي.

۴ آڪٽوبر صبوح جو پاءِ اَرجن گيانچنداڻيءَ جي
گهر ۾ "روح رهاڻ" ستسنگ ٿيو، جت دادا جشن
ڪان آتمڪ زندگيءَ بابت ڪيترن سوال پڇيا. شام جو
دادا جشن موٽر رستي اَحمدآباد (گانڌي نگر) لاءِ
روانو ٿيو.

اَحمدآباد ۾:- چئن ڪلاڪن جي مسافريءَ
ڪانپوءِ دادا جشن گانڌي نگر ۾ اَچي پهتو. سندس
رهڻ جو پربنڌ شري هيرانند ساڌواڻيءَ جي بنگلي

دادا جي درشن لاءِ آيا. شڪر جو اُن وقت دادا
جي جاڳ ٿي ۽ هُن کي درشن ملي سگهيو.

دهليءَ ۾ :- ٨ آڪٽوبر صبوح جو اَنڪا ڏهين
بجي دهليءَ پهتاسين. اسٽيشن تي ڪيترن پائرن ۽
ڀينرن دادا جن جو سواگت ڪيو. دادا جن جي
رهڻ جو بندوبست شري ڪڪهيي ڊنواڻيءَ جي مڪان
تي ٿيل هو.

شام جو ڊاڪٽر جي. ايف. لڪاڻي جي سندر
بنگلي تي هون ستسنگ ٿيو. دادا جن دل پگهرائيندڙ
پرارٿنا ڪئي. ڪيترا غير سنڌي ڀڄ حاضر هئا.
ڊاڪٽر لڪاڻي دهليءَ جي سادو واسواڻي مشن جو
چيئرمين آهي. سندس پٽ ۽ سال اڳ اوچتو پرلوڪ
پڌاريو هو. اُن جي ياد ۾ اهو ستسنگ ٿيو.

- آڪٽوبر شام جو انڊيا انٽرنيشنل سينٽر جي
هال ۾ اُتساهڪ پروگرام ٿيو. دادا جن جي انگريزي
ليڪچر جي وشيه هئي :- " How to feel secure
in this in secure world " هن بي بقا جي دنيا

ٻنا ۽ مائا آهن. ٻالڪ وانگر صدق رکو. (٢) جيڪي ڏني، سو خوشيءَ سان قبول ڪريو. (٣) هر روز ڪجھ وقت سانت ۾ گذاريون ۽ پرارٿنا، ڌيان، ڀڄن ۽ نام سمرن ۾. (٤) ٻين جي مدد ڪريو.

٤ آڪٽوبر صبوح جو سردار نگر ۾ سانڌو واسواڻي سينٽر جي جڳهه تي شيوا جو پروگرام ٿيو. اٽڪل اڍائي سؤ گهرڄائو ڀينرن ڀائرن ۽ اُٿهاجن کي ڳوٿرين ۾ ٻه ڪلو چانور، ٽي ڪلو ڪڻڪ، اڌ ڪلو دال، اڌ ڪلو کنڊ، صابڻ جي ڇڪي، ٻه ميٽر ڪپڙو ۽ پنجين رپئي جو نوٽ ڏنو ويو. منجهند جو وڏو لنگر لڳو، جت اٽڪل ٽن هزار ڀائرن ۽ ڀينرن گڏجي ڀوڄن ورتايو. شام جو وڏو سٽسنگ ٿيو، جت پياري دادا جي چرنن ۾ شرڌانجليون اَرپن ڪيون ويون.

٧ آڪٽوبر صبوح جو ميٺن پوڙ ڪري ودياٿين جو ميلاپ ميڙ ٿي ڪين سگهيو. شام جو دادا جشن آشرم ايڪسپريس رستي دهليءَ لاءِ روانو ٿيو. واٽ تي رات جو ڏهه بجي اجمير اسٽيشن تي ڪي پيارا

وليءَ ۾ رکيا ڪيو. وڌيڪ دادا جشن چيو ته هي
ماڻڪ جنم ملهڻ لاءِ واسطي ته اُمرا پڻ پوابند ڪيون.
اُمر اُهو ٿئي ٿو، جو نام جو اُمرت پيئي ٿو. سانس
۾ وٺهي نام جو اَڀياس ڪري ٿو. جيڪي ٿئي ٿو،
سو قبول ڪري ٿو. ۽ نام جي ڀڳل روپن دکين
دردن، پسن ٻکين جي شيوا ڪري ٿو.

١١ آڪٽوبر شام جو انڊمول شري آر. ايچ.
ٿهلياڻيءَ جي مڪان ”نيوي هائوس“ جي لانس
(lawns) ۾ سوالن جوابن جي ميٽنگ ٿي. مڪاني
لوڪ اِلهي آيل هئا. دادا جشن کان آتمڪ زندگيءَ
بابت ڪيترا سوال پڇيائون، جن جا جواب دادا
جشن سرل نموني ۾ ڏين ڏنا.

١٣ آڪٽوبر پرساد نگر ۾ وڏي شامياني ۾ پياري
دادا جو ١٠٦ جنم ڏن اُتساھ سان ملهايو ويو. دادا
جشن پياري دادا جي جيون ۽ سکيا تي روشني
وجهندي چيو ته پياري دادا کان سوال پڇيو ويو ته
”مڪتيءَ کان مٿي ڪڇ آهي؟“ پياري دادا چيو

۾ ڀارت کي ڪٿ سلامت سمجهجي." هال سڄو ڀريل
هو. ڪيترا بيٺا هئا. دادا جشن stage تي ويهڻ جي
شال وڇائي، جشن ڪيترا بيٺل آن تي ويهي سگهن.
وقت جو مکيه مهمان ڊاڪٽر پرم ڪوپال هو. ۽
پريزيڊنٽ جسٽس ديشپانڊي هو. هن ٻنهي جي
اڳوڻن ڪانپوءِ دادا جشن چيو ته اسين هن ئي سلامتيءَ
جي دنيا ۾ رهي ويهڻ جي بجاءِ لاءِ دنيا ۽ دنيا جي
بدارتن ۾ پناه ورتون ٿا. ٻيو سچي شانتي ته آهه پريوءَ
جي چرڻن ۾. اها شانتي اسانجي جنم جو حق آهه.
رڳو اسين ڀارت کي پريوءَ جي چرڻن ۾ ارپڻ ڪريون،
جيڪي ٿئي، سو خوشيءَ سان قبول ڪريون. هر
روز سانت جو اڀياس ڪريون ۽ پڻ هو سا مددگار
ٿيون ته پوءِ ڇا آهي، جو اسين نٿا ڪري سگهون

١٠ آڪٽوبر "سنڌو يون" ۾ سٽسنگ ٿيو. سنڌو
سماج جي سيڪريٽري شري پوجراج دادا جشن جو
سواگت ڪيو. دادا جشن ويهڻ جي اپديش ۾ چيو ته
سنڌي ٻولي نه وساريو. قوم جو پران آهه ٻولي. سنڌي

، هڪ هڪ سک جي تلاش ۾ آهي. سچي سک
ـسي ڳولهڻ لاءِ دادا جشن ڇهه عملي قدم
ٻڌايا:- (١) پاڻ سان هڪو ارادو ڪريو ته ڇا ۾ آئي
وي، ٻڌهجي من جي شانتي کين وڃائيندا آهن.
٢) ٻڌهجون گهرجون، اڇائون گهٽايو. (٣) ٻڌهجن
اچارن جـي سنڀال ڪريو. (٤) هميشه آشاوادي
ٿيون. (٥) ٻيهڙ کي پڇاڙون ۽ (٦) ٻين جي مدد
ڪريون.

اُن صبوح جو ٻڙودا مان فون تي دکدائڪ خبر
اي ته ٻڙودي جي ۽ مکيه ٻيمرن مان هڪ ٻيرڻ مسز
هپا وسڌاڻي جو ٻيارو ٻٽي شري سانولداس وسڌاڻي
وچتو راس جـو ٻولوڪ ٻڌارهـو. دادا جشن يڪدم
باري پاڻ لاءِ ٻوارٿنا ڪئي.

١٥ آڪٽوبر صبوح جو شانتي نڪيتن جي ملهل
ـمين، جڏهن اي جلد وڏو ساڌو واسواڻي ڪامليڪس
هٺو آهه، اِلي منو ستسنگ ٿيو. يٻڙ انڌو جشن،
ائيمس آف انڊيا جـي مکيه شيوڪا ڪاري ڪرم

۽ "موڪي مڪتي ڪين ڪهي. مان نه وري ٻيو ري هن پرٿوي ۾ ٿي اچڻ چاهيان ٿو. جيسين توهان مان ڪو به هڪ جنم مرڻ جي چڪر ۾ ڦاٿل آهي، تيسين مان ٻيهر ايندس توهان جي سيوا واسطي." وڏيڪ دادا جشن چيو ته پياري دادا جي سکيا ۾ هن ڳالهه تي زور ڏنل آهي ته توهين پرارٿنا ڪريو. اڪري پرڀوءَ کي دم دم ياد ڪريو. پرڀوءَ لاءِ پياس اُٿاريو ۽ دکين دردن، پکين پسن جي سيوا ڪريو.

١٤ آڪٽوبر شام جو فڪي (FICCI) آڊيٽوريم ۾ پياري دادا جو ١٠٦ جنم ڏن ملهايو ويو سؤن جي تعداد ۾ مڪاني لوڪ حاضر هئا. سڄو آڊيٽوريم ٽمٽار ٿي ويو. ڪيترا ته پٽ تي ويٺا هئا. وقت جو مکيه مهمان شري وي. ايس. گاڊگل، هند سرڪار جو وزير هو. دادا جشن جي ليڪچر جي وشيه "Some are happy: Why not you?" هئي. دادا جشن پنهنجي ليڪچر ۾ ڪيترين ڳالهين پياري دادا جي جيون ۽ سکيا بابت ٻڌايون. ۽ وڌيڪ چيو

ڳھڻو جي ٻالين سنگت جي ڪيڏي نہ ٻوڄ ۽ سڪ ۽
شيوا ڪئي!

لکنوءَ ۾ دادا جشن جا سنڌي اُپديش ھر مندر ۽
شو شانتي آشرم ۽ پريم پرڪاش منڊل ۾ ٿيا.

ھڪ وڌيارٿين جي ميٽنگ ٿي، جنھن پرنسپال
راڌا ڪرشن دادا جشن جو سواگت ڪيو. وڌيارٿين
کي دادا جشن چيو تہ اُوھان جي اندر شڪتيون آھن.
اُھي شڪتيون جي توھين کوليو تہ توھين مھاتما
گانڌي، گروديو ٽئگور، پيارو دادا (سادو واسواڻي)
ٿجي سگھو ٿا. شڪتيون کلن ٿيون، جڏھن اُسين
پنھنجي روز بروز جي جيون آدرشن ۾ ھڻون ٿا. دادا
جشن سچ جي آدرش، پوترتا جي آدرش، سادگي،
شيوا، پرارٿنا جي آدرشن جو ذڪر ڪندي ٻڌايو تہ
پياري دادا جي جيون اِنھن آدرشن ۾ ٻڌل ھئي.
پياري دادا جي جيون مان دادا جشن کي سندر
مثال ڏنا. ڀڄاڙيءَ ۾ وڌيارٿين کي دادا جشن ٽول
جا پڙا ۽ مٺايون ڏنيون. ٽولن جي پڙن جو خرچ شري

هلايو. ٻچن ۾ وچن ڳالهيون ڊاڪٽر لکاڻيءَ ٻڌايو ته سرڪار هيءَ زمين ساڌو واسواڻي مشن جي ڪمن لاءِ ڏني آهي. توهانجي سهڪار جي ضرورت آهي. پيرٺ اندوءَ ۾ مٺا وچن چيا. دادا جشن پنهنجي اپديش ۾ چيو ته مانڪ جنم ان واسطي مليو ته دسمي دوار کوليون. ان دوار کولڻ لاءِ اندر جي صفائي کپي، جنهن لاءِ ٽن ساڌنائن جي ضرورت آهي:- (١) پنهنجا فرض پالن ڪريو. (٢) دل اندر پياس اُتاريون. (٣) نشڪام سيوا ڪريون. اِڪ سياڻي ڏيهاڙي دسمي دوار کولي آسين ۽ پرڀوءَ جو درشن پراپت ڪري سگهنداسين.

لکنوءَ ڏي:- دادا جشن دهليءَ جي سنگت کان موڪلائي گومتي ايڪسپريس ۾ لکنوءَ لاءِ روانو ٿيو، جتي رات جو ١١ بجي پهتو. اسٽيشن تي دادا جشن جو سواگت هارن ۾ گلن، ڀڄنن ۾ باجن سان ڪيو ويو. هت دادا جشن جي رهڻ جو پربند شري نندلال جي مڪان ۾ ٿيل هو. شري نندلال جي

ان ڪري جيڪي ٿئي سو قبول ڪريون ۽ هڪ
ٻئي جا مددگار ٿيون.

(٣) ٻيو اسان مان هڪ هڪ کي پيار ڪري ٿو.
ٻپوءِ جي ديگ دائما چڙهيل آهي، ان ديگ ۾ هڪ
هڪ جو حصو پڌو آهي. ٻو اهو حصو ان کي ملي
ٿو، جنهن جي دل اندر صدق آهي. ٻالڪ وانگر
صدق رکون ۽ روز ٻورڌ جي وهنوار ۾ پيار اوتيون.

١٩ آڪٽوبر صبوح جو دادا جشن ڪار رستي
ڪانپور ڏانهن ويندي وات تي ”سنڌو يون“ ۾
ٿورا منٽ هليو، جت اُن پوريش جي جدا جدا هنڌن
جي ٻنڌپالن جا مکي ۽ پانڌ پيدو آيل هئا. شري
واسديو واسواڻيءَ دادا جشن جو منن اکرن ۾ سواگت
ڪيو. ”سنڌو يون“ جي پاران دادا جشن کي
هڪ ٻي شال پيش ڪئي وئي. دادا جشن سڀني
جي شڪرگذاري مڃيندي چيو تہ شال جي ڪيس
لائق ڪين آهي. ٻو شال ڏني وڃي ٿي. شري
نندڪرداس کي، جنهن پنهنجا ڪم ڪاريون سمپئي

پاوندا سڪيو. ودياٿين ۾ خوشيءَ جي لهر ھئي.

هڪ انگريزي ميڊنگ ٿي، جنھن ۾ مڪاني لوڪ
حاضر ھئا. دادا جشن پنھنجي اپديش ۾ هيٺين
ڳالھين تي زور ڏنو:-

(١) انسان مان هر هڪ سک جي تلاش ۾ آهي
پر ٻاهر پيا ڀٽڪون. جي مها سک، کي پائڻ چاهيو
ته پڀوءَ جي درشٽي ونون. ان ڪري سانس جو
اڀياس ڪريو. اندر وڃڻ جي ڪوشش ڪريو. مانک
جنم جو قدر سڃاڻو. پنھنجا سواس نام سان پرايو
۽ دکي دنيا جا شيوڪ ٿي شيوا جي راھ ۾ اڳتي
اڳتي وک وڌايو.

(٢) جيون جي راھ ۾ گھڻيئي مشڪلاتون ۽
تڪليفون اچن ٿيون. ان وقت اسين اميد نه وڃايون
پر پڀوءَ ۾ صدق رکون ۽ پيار سان انھن تڪليفن،
مشڪلاتن کي منھن ڏيون ته پوءِ آهستي ڪوبه مسئلو
ناهي جو حل ٿي نه سگھي. پرڀو انسان جو پتا ۽
ماتا آهي. پنھنجا بوجا ۽ بار سندس چرنن ۾ رکون.

...ريس ڪانفرنس ٿي. جنهن ڪانپور دادا جشن کي
...ٺوري هرگوبند آسواڻيءَ جي نئين مڪان تي رهايو ويو.
شام جو سنت ڪنور رام ڪالونيءَ ۾ سٽسنگ
...يو، جت دادا جشن ڀائرن ڀينرن کي للڪار ڪئي
...، قوم جو سچو خزانو آهن ٻار، انهن جي سنڀال
...ڪريو. کين پوري وديا ڏيو.

٢٠ آڪٽوبر شام جو لجپت ڀون ۾ اتساهڪ
...انگريزي ميٽنگ ٿي. دادا جشن جي ليڪچر جي
...وشيه هئي:- "من جي شانتي ڪئن پراپت ڪجي،
...پيارا دادا جي سکيا جي آڌار تي." مکيه مهمان
...ڪانپور يونيورسٽيءَ جو وائيس چانسيلر، ڊاڪٽر
...ي. ٽي. ٽواري، هو. دادا جشن جو سواگت ڪندي
...ٻڌايائين ته پنهنجن مشغولين ڪري هت اچڻ جو
...وچار ڪونه هوم. پر هت آيس، دادا جشن سان
...مليس ۽ جنهن قرب ۽ نمرتا سان مون کي مليو، تنهن
...مونکي اندر ۾ آدرشيه انسان لاءِ شرڌا پيدا ڪئي
...آهي. انسان ذات جو اڪ ئي پيا مٺو آهي. دادا

بدهدجي جيون سندي قوم جي شيوا ۾ ارپڻ ڪئي آهي. سندس مقصد ۽ محبت جو قول آهي " سندو يون ". دادا جشن جڻ شري شنڪرداس کي شال پاتي ان حال ۾ تاڙين جو ڦهڪو وجي ويو.

دادا جشن چيو ته " سندو يون " جو مکيه ڪم ڌيرط گهرجي ته اتو پرورش ۾ سندي بولي قائم رکي. سندي بولي اسان جي قوم جو پران آهي. پران هليو ويو، قوم بهي سگهندي ڪين. هڪ هڪ سندي ودياٿيءَ کي سندي بولي پاڙهيو. ان ڪري " سندو يون " ۾ سنديءَ جا ڪلاس کوليو. قوم جو وڏي ۾ وڏو خزانو آهــن بار. بارن کـــي سندپت ۽ پارٿي سنسڪرتيءَ کان واقف ڪريو. گهرن ۾ ڪين سنو وايو منڊل ڏيو، بار آئيندہ جي اميد آهن.

ڪانپور ۾ :- سايڻ ١١ بجي دادا جشن ڪانپور ۾ اچـــي پهتو. شري يگل ڪشور ۽ شري ويرومل ديملا جي قربانئي ڪوٺ تي دادا جشن ڪانپور ۾ آيو. ١٢ بجي شري يگل ڪشور جـــي مڪان تي

ڪيو. دادا ڄشن جي اچڻ جو پورو شري ٽانورداس دلوالاڻيءَ جي مڪان هاڻي ڪونيءَ ۾ ٿيل هو.

منجهند جو ١٢ بجي گهر ۾ روح رهاڻ ٿي، جت ٻهلنيءَ مان پڻ ڪيترا آيل شامل ٿيا. اهو ڏينهن دسهري جو پويون ڏينهن هو. ننڍڙو ستسنگ ٿيو.

شام جو شري ڪرشن گئو شالا ۾ ستسنگ ٿيو. دادا ڄشن چيو ته آچوڪو ڏينهن ٻارن سان پيغام ڪٿي آچن ٿا ته سڀني جو آهي. نمائش جي. شري رام نماڻو ٿي، ويڙهن جي پٺن ۽ چوڻن جا وسيلا ڀري، ٻارن سان وانرن جو لشڪر وٺي آچي راوڻ سان جنگ جوٽي ٿو ۽ کٽي ٿو. دادا ڄشن وڌيڪ چيو ته شري رام جو سچو پيغام سو آهي، جو (١) نماڻو ٿي ٿو، (٢) هر استريءَ کي پنهنجي ماتا ڪري سمجهي ٿو، (٣) پرڌن کي زهر ڪري سمجهي ٿو، (٤) ٻئي کي چڙهندو ڏسي خوش ٿئي ٿو ۽ (٥) پرائو ڏک پنهنجو ڏک ڪري سمجهي ٿو.

٢٣ آڪٽوبر صبوح جو ڪي. جي. ۽ انٽرميڊيئيٽ ڪاليج جي ودهيارٿين کي دادا ڄشن مليو. اسڪول

جشن ڀڳهنجي ڀاشڻ ۾ ٻڌايو ته سک اُن کي ملي ٿو، جنهن کي چت شانتي ملي ٿي. چت شانتي حاصل ڪرڻ لاءِ دادا جشن ٻه عملي قدم ٻڌايا، جن مان هڪ هي ته هر حال ۾ راضي رهو. ٻيو جيڪي ٿئي، سو قبول ڪريو. پڀوءَ جا شڪرانا مڃو.

٢١ آڪٽوبر صبوح جو شيش محل ڊاڪيز ۾ وديارٿين پياري دادا جو ١٠٦ جنم ڏڻ ملهايو. شروعات ۾ وديارٿين ڳالهايو، جنهن کانپوءِ دادا جشن پياري دادا جي جيون مان ڪيترائي مثال ڏيندي ٻڌايو ته پياري دادا جي جيون ۾ پوترتا ۽ پوارٿنا، سادگي ۽ شيوا جا آدرش ڏسي چمڪيا. پڇاڙيءَ ۾ دادا جشن وديارٿين کي پيرا ۽ ڪٽمنٽرا ڏنا.

پيا ٨ پروگرام ڪانپور ۾ ٿيا. اُن رات جو دادا جشن جمنا ايڪسپريس رستي آگري لاءِ روانو ٿيو.

آگري ۾ :- ٢٢ آڪٽوبر پرڀات جو اٽڪل سادي ٤ ٻجي دادا جشن آگرا ۾ پهتو. اِسٽيشن تي دادا جشن جو سواگت ڀائرن ۽ ڀينرن هارن ۽ گلن سان

لي ڪيو. دادا جشن جي رهڻ جو بندوبست سادو واسواڻي
مشن (ڀوپال) جي سيڪريٽري شري مولچند آسوداڻي،
ڪاڪنو ڪي سي. ڏوڏاڻيءَ جي مڪان تي ڪيو.

٢٥ آڪٽوبر صبوح جو پريس ڪانفرنس ٿي. شام
جو "دسهرا ميدان"، ڀڙاگره ۾ اُلاسڪ ميٽنگ
ٿي. شروعات ۾ ڀائرن ڀيارين دادا کي پشپانجليون
ڏنيون. وقت جو مکيه مهمان شري چندر ڪمار
انوت، Minister of Irrigation هو. ڀوپال جو
ميئر به اُن موقعي تي حاضر هو. دادا جشن پنهنجي
اُپديش ۾ چيو ته جيون جو سچو خزانو آهي صدق.
پنهنجي دل اندر صدق آهي، اهو پروڙ پائي ته پيارو
پرڀو ڪنهنجي نزديڪ آهي. ٻالڪن ۽ ٻالڪين جي
دلين اندر صدق جا ٻج پوکيو، جئن وڏي هوُ
ته اهو پروڙ پائين.

٢٦ آڪٽوبر صبوح جو دادا جشن ڪيترن اسڪولن
جي وديارٿين سان مليو. شروعات ۾ ٻالڪن ۽ ٻالڪين
ڀياري دادا جي جيون ۽ سکيا تي تقريرون ڏنيون ۽

جي هيڊ ماسٽر دادا جشن جو سواگت ڪيو. دادا جشن وديارٿين کي چيو ته توهان جي اڳيان وڏو ڪم آهي ته سنڌي قوم ۽ ڀارت کي نئون بڻايو. انڪري پنهنجي جيون آدرشن ۾ پڪو. نه وساريو ته سچي وديا جو مقصد آهي نه ڀسو پدارٿ، نڪي عهدو اقدال، پر شيوا ۽ قربانِي. دادا جشن ڪن سوالن جا جواب ڏيندي وڌيڪ چيو ته. سچي وديا اُڪري وديا ڪين آهي جا آسانيءَ پستڪن مان ملي ٿي. سچي وديا اُسين پراپت ڪري سگهون ٿا، جڏهن ڪنهن آدرشي آچار سان جو سنگ ڪمايون ٿا ۽ سندس شيوا ڪريون ٿا.

شام جو هاءِ ڪورٽ ۾ روح رهاڻ ستسنگ ٿيو. رات جو سڀني پريمين کان موڪلائي دادا جشن جي. ٽي. ايڪسپريس رستي اُٽي ڀوپال لاءِ روانو ٿيو.

ڀوپال ۾:- ٢٤ آڪٽوبر صبوح جو اُٽڪل ساڍي ٥ بجي دادا جشن ڀوپال ۾ پهتو. پاڻرن ۽ پيرون ڳالن ۽ هارن ۽ تورِي گيتن سان سندس سواگت اسٽيشن

اسان وڏڙي دنيا ۾ قائل آهي، اوڙي وڏڙي ڪيس
سوروپ ٿئي ٿي روحاني وديا جي. انگريزي ٻارن
ي شروعات کان وٺي آتمڪ وديا ڏيڻ گهرجي، ڇو
سندن ڪچڙين دلين ۾ سادگي ۽ شيوا، پوترتا ۽
ارٿنا جا ٻيج پوکي سگهون ٿا. پوءِ هو هن
نيا جي لالچن کي منهن ڏيئي پنهنجي جيون
ڪامياب بڻائي سگهن ٿا.

ساڌو واسواڻي اسڪول جي وديارٿين کي ٿورا
نت دادا جشن ملهيو. ساڌو واسواڻي ڪاليج ۾
ادا جشن ملهيو، جت وديارٿين کي چيائين ته وديا
نسان کي بڻائي سگهي ٿي ۽ ڊاهي سگهي ٿي.
ڪري بيماري، دادا (ساڌو واسواڻيءَ) جو زور
جي وديا تي هو. شام جو شري مولچند آسوداڻيءَ
ي مڪان تي سوالن جوابن جي ميٽنگ ٿي. رات
دادا جشن پونا جي پريمين کان موڪلائي جهيلم
ايڪسپريس ۾ پونا لاءِ روانو ٿيو، جتي ٢٨ آڪٽوبر
جهند جو سوائين ~ بجي پهتو. بيماري دادا جي

ڪيمت پاتا . دادا جشن ٻين جيو ئي آسانيءَ سان ٻڌائي
ته اسين ٻڌجي جيون پوتر رکون ، سچ ڳالهايون ۽
شيوا ڪريون . ٻين جي مدد ڪريون ۽ ٻين پکين
جي رکيا ڪريون . وڌيڪ دادا جشن جيو ته سنت
سنپرک وري وري هي آواز اُٿارين ٿا ته هيءَ پرٿوي
توهان جو مکان ڪين آهه . توهان جو مکان آهي
جوت منڊل ، آهي سچ کنڊ . هن پرٿويءَ تي توهين
آيا آهيو ته تياري ڪريو . دادا جشن ٽن قسمن جي
تياريءَ جو ذڪر ڪيو :- (۱) جهڪي ٿئي ، چئو
قبول . (۲) هميشه پريوءَ جي حاضريءَ ۾ رهو . رکي
رکي نديڙيون پرارٿنائون ڪريو . (۳) ٻين جي
مدد ڪريو .

۲۷ آڪٽوبر صبوح جو سنڌو سماج هال ۾
نيوس ڪانفرنس ٿي ، جت دادا جشن کان اَڌيا ڪن
ڪيترائي سوال پڇيا . هڪ سوال هي هو ته هن
materialistic دنيا ۾ روحاني زندگيءَ جي ضرورت
آهي ڇا ؟ دادا جشن جواب ۾ ڪين ٻڌايو ته جيترو

ياد اچيم ٿو، اونهاري جو هڪ ڏينهن آهي. پيارو دادا ڪيترا ڪلاڪ بعد ڪمري ۾ ويٺو آهي. ويٺو ڪم ڪري. شام جا پنج لڳا آهن، پيارو دادا ڪمري کان ٻاهر اچي ٿو. اُن وقت گرمي ڏاڍي هئي، جو الا ٻئي نڪتا. پياري دادا کي چئون ٿا:- اَج ڪيڏي نه گرمي آهي. توهين جيڪو ڪجهه آڻڻ، پيئو. Lime juice پياري دادا کي وڻندي هئي. پياري دادا کي چئون ٿا ته اَج جيڪو توهين پيئو.

پيارو دادا مشڪي ٿو. اسين سمجهون ٿا، پيارو دادا چوي ٿو "ها". يڪدم ڊوڙون ٿا. پاسي ۾ محل جو دڪان هوندو هو. ۵ پئسي ۾ Lime Juice وٺي اچون ٿا. اڌا گلاس ۾ وجهي پياري دادا کي ڏيون ٿا. پيارو دادا گلاس ڏي نهاري ٿو. اُن جي مٿان لوڦ بيٺي ٿي. پيارو دادا چوي ٿو:- "ڏسو هيءَ لوڦ. مڌهيجي جيون ۾ ان لوڦ جيان آهي. لوڦ جو ٽڪرو ڪڏهن نه مٿان ڏسڻ ۾ ايو اچي. چار حصا لوڦ جا اندر آهن. فقط هڪ حصو مٿان ڏسڻ

ڇهن ٻه وري واپس پونـي جـي پڻ پـومِيءَ ۾
اَچي پهتاسين ،

نيلو، خط ڪافي وڏو ٿي ويو آهه. وڌيڪ اَحوال ٻئي دفعي. تولاءِ پيار.

پيارن ماءُ ،
نرملا

مرشد جون مٺيون ڳالهيون

[دادا جشن جي گفتگوءَ مان]

اڪل جيون رهو

مونکي ياد اَچي ٿو، هڪ وقت پياري دادا پهنجي جيون جي هڪ آزمودي جو ڪجهه ذڪر اَسان سان ڪيو. پياري دادا جي جيون اڪل جيون هئي. لوڪن کي خبر ڪين، اَسان کي خبر ڪين ته پياري دادا جي سچي جيون ڪهڙي هئي؟ ڪڏهن ڪڏهن پيارو دادا ڪن ڳالهين جو ذڪر ڪندو هو، ته سندس جيون اڪل هئي، ڳجهي هئي.

لاءِ پياري هُئي. مون لاءِ اُهو رات وسارڻ مشڪل آهه. پيارو دادا پياس ۾ پڪاري ٿــو ۽ پوءِ ڇا ٿو ٿئي؟ پيارو دادا چوي ٿو:- مان هڪ آواز ٻڌان ٿو، منو مولي جو آواز. اهو آواز ڇا ٿو چوي؟

تنهنجي دئار ايندس :
اچي توکي سڏيندس !

پيارو دادا چوي ٿو:- منهنجي دل گد گد ٿئي ٿي. مان هيڏي هوڏي نهاريان ٿــو. ڏسڻ ۾ اچي ڪجهه ڪين، پر منو مولي جو آواز پيو ٻڌان. ۽ مان اُن وقت پڇان ٿو:- "منهنجا شيام! منهنجا پريتم! آتــم پياس، پايان تنهنجو ديدار. ڇا ڪريان، جو تنهنجو درشن پايان؟ تنهنجا ڪمل چرن اچي ڇهان؟ اچي تو ۾ سمايان؟"

اُن وقت مونکي جواب ملي ٿــو. پيارو دادا چوي ٿو ته اهو آواز مون کي چوي ٿو:- "ٽي ڳالهيون ڪر:- (١) پنهنجا فرض پالن ڪر. منهنجا ٻالڪ! تون هن سنسار ۾ آيو آهين ته پنهنجا فرض

۾ پيو اچي. انهن منهنجي جيون ۾ لکل آهي. اوهين ۽ منهنجي جيون لکل ڪريو. لوڪن کان لڪايو ؛ پرپوءَ کي پڪاريو. پياس رکي، سڀ سڀني ۾ سانڍي لڪائي لڪائي پرپوءَ کي پڪاريو. اِن لکل جيون مان پياري دادا کي ٿورا آزمودا آسانيءَ ٻڌايا. هڪ آزمودو هي آهي:-

چانڊوڪي رات آهي. آسمان ۾ چنڊ پيو چمڪي. پيارو دادا اڄ رات پنهنجي ڪوٺيءَ ۾ ويٺو آهي. اڪيلو اڪيلو. پيارو دادا جاڳي پيو. ٻيا و ڪ سڀ ننڊ ۾ ستل. جاڳي جاڳي پيارو دادا وري وري هي هڪ اکر پيو اچاري:- "پيارا! پيارا! مان تہ آهيان هڪ ڀڪارڻ! مان تہ آهيان هڪ فقيرياڻي تنهنجي در تي شيام! تون ڪڏهن ٻولم جا پيرا پوري ايندين؟ مان تنهنجي در جي داسي! مان ڇا ڪريان جو تون اچين مون وٽ تہ مان بہ پايان تنهنجو ديدار؟"

ڇا ٿو ٿئي؟ اُن چانڊوڪيءَ رات جو، جڏهن جو ذڪر پياري دادا ڪيو، چيائين:- اها رات مون

جو پياري دادا جي شيوا ڪري ٿــو. اسين ڪيس ڪين سڃاڻندا هئاسين. ڪي ٿورا هُن کي سڃاڻندا هئا. پيارو دادا چوي ٿو:- وڏي وڏي مان رڌڻي ۾ وڃي ڏسندو هوس ته ڪٿي هي رسويو وٽيو ڀاڄيون رڌي، وٽيو ڪڙڇيءَ سان گهمائي: ته رڪي رڪي ڇا پيو ڪري؟ پنهنجي ڪم جي وچ ۾ رڌڻي جي دريءَ مان وڏي وڏي پيو ٻاهر نهاري. سندس اکڙيــن ۾ هئي اُڪير. ۽ مان وٽهي ڪيس نهاريندو هوس. ٻاهر ڪجهه ڏسڻ ۾ اچي ڪين. نڪو ماڻهو، نڪو پکي ڏسڻ مان پيو چوان ته هو رسويو ڪنهن ڏي ٿــو نهاري؟ ڪانئس پڇان ٿو:- ”منهنجا پيارا! مان ڏسان ٿو ته تون وڏي وڏي دريءَ مان پيو نهارين: ائين ڇو؟“

هي رسويو، اکين مان ڳوڙها ڳاڙي، چوي ٿو:- ”منهنجا سائين! مونکي توهين روهڙيءَ مان هت وٺي آيا آهيو. مان ته اُت پيو نهاريان، جت منهنجا پيارا آهن. وڏي وڏي پنهنجي نگر ڏي پيو نهاريان.“

”ڪٿي نيڻ نيارا، نگر ڏي نهاريان!“

پالن ڪر. دنيا ۾ رهه، پر دنيوي ٿي نه رهه، ضروري ناهي ته تون ڪنهن جهنگل ۾ وڃين يا ڪنهن جبل جي چوٽيءَ تي وڃي ويهين. مان پهاڙن تي ڪين آهيان. انڪري دنيا ۾ رهه، پر دنيوي ٿي نه رهه. منهنجا بالڪ! ڪنهن سان موهه ۾ نه اٽڪج. پهرين ڳالهه اها ته تون پنهنجا فرض پالن ڪر.

پياري دادا هڪ دفعي ٻڌايو ته جڏهن پاڻ پٽيالا ڪاليج جو پرنسپل هو. پٽيالا ڪاليج ڪيڏو نه پري! پياري دادا کي مائيءَ جي تڪليف هوندي هئي. رسوئي پياري دادا کي ڪير ناهي ڏئي؟ پياري دادا نه شادي ڪئي ڪين. ڪيس شادي ڪرڻ جو ويچار ڪين هو. جڏهن ٻه ڪيس چوندا هئا ته شادي ڪريو ته هميشه هي جواب ڏيندو هو:- ”ڪر ڪا خبر، حقيقت جي ڪا خبر؟“

پٽيالا ڪاليج ۾ پياري دادا کي ڪير رڌي کارائي؟ پيارو دادا سنت جي روهڙي نگر مان هڪ رسويو پاڻ سان وٺي ويو هو. اهو رسويو سياڻو، چڱو

لوڪن کي هٿ ڪارڊي

ڪيترا سال ٿيا، هڪ ڏينهن هڪ غريب ٻيڙ
مونکي گهڻو سمجهايو. ۽ مون ان ٻيڙ سان آلبت ٽڪو
ڳالهايو. پياري دادا ٻـڌي ورتو. پياري دادا جي
اکين ۾ آيو پاڻي ۽ پياري دادا مونکي چيو:- "اهي
اکر تو ڪڏهن ڪي چيا؟ اهي اکر تو مونکي چيا!"
پياري دادا جي اکين ۾ ڪهڙو جادو هو؟ اُن ڏينهن
ڪانوڻي وري وري انهن سمجهان ته هي غريب، دکي
آهن پياري دادا جون تصويرون. توهين غريبن دکين
جي سيوا ڪريو ٿا؟ پياري دادا جي سيوا ڪريو ٿا.
ان ڀاڱي ۾ شال ٻڌهڻو ڪم ڪريو، ڪڏا رهو! پيارو
دادا هو دکين جو، دردن جو! پياري دادا جنم
ورتو دکين جي دک دور ڪرڻ واسطي!

لوڪن کي هٿ ڪارڊي، سڀ پڻي فقير!

لوڪن جي پاڻي ڪاڻو پيارو دادا، اسانجي دلين
جو راڄا، سچي پادشاه. ٿيو فقير! ڪيترن جا دک،
سوُر، ڪشٽ، پياري دادا پاڻ تي کڻيا. ٻڌهڻي

پياري دادا چيو:- ”توهين ٻه، اِئين ڪريو.
پنهنجا فرض پالن ڪريو. روز بروز جو ڌنڌو وهنوار
ڪريو، ٻر ڏکي ڏکي اُن ڪم ڪار جي وچ ۾، پنهنجي
دل جي دري کولي نهاريو اُن نگر ڏي، جتان
توهين آيا آهيو ۽ جت توهين موٽي ويندا. اُن جوتي
ڌام ڏي نهاريو.

ٻي ڳالهه ڪهڙي؟ آواز چيو ته:- ٻي ڳالهه
هيءَ ته تون سيوا ڪر، جو هيءَ دنيا دکي آهي. هن
دنيا ۾ ڪيترا نه دکي، دين، مسڪين آهن. اُنهن
دکين جو وڃي تون مددگار، تون خدمتگار!

ٽين ڳالهه ڪهڙي؟ آواز چيو ته:- ”منهنجا
ٻالڪ! ٽين ڳالهه هيءَ ته وڃي ڪوجدا ڪر. تلاش ۾
نه ڪر. ڪنهن سانتيڪي ڪنڊ ۾ ويهي تون تلاش
ڪر. دل اَندر تون پياس اُٿار: اُن پياس ۾ ويهي
پڪار:- ”شيام! شيام! شيام!“ وَچ دل مندر اَندر
گهڙي ڪر اِهو ورلاپ:- ”شيام! شيام! شيام!“

اِهي ٽي ڳالهيون آواز پياري دادا کي ٻڌائي
ته:- (١) فرض پالن ڪر، (٢) سيوا ڪر ۽ (٣) ڪوجدا ڪر.

جند جان پياري دادا ڪئي قربان ڏکين جي ڏک
دور ڪرڻ واسطي !

سماچار

آلڪ ڌام ۾ :- اسانجي ستسنگ جي پياري ڀيڻ، سڀني سيوڪا، ڀڳتياڻي، صدقياڻي، پياري دادا جي در جي اِڪ ٻالڪي، ڪماري گوپي سيوڪرام سچان ١٩ آڪٽوبر، پنهنجي مالڪ جنم جي ٻاتڙا پوري ڪري، آلڪ ڌام اڏاڻي! پياري دادا جي آوائلي سکين مان هڪ هئي. دنيا کين چاهيائين، پر پياري دادا جي ڀيرن ۾ پناه ورتائين! هن وقت پياري دادا جي ڌام ۾ آهه! شل اُتان اسان سڀن کي پنهنجي آسيس موڪلي، موڪليندي رهي!

Printed by Haresh G. Dodeja, Noble Enterprises,
686, Budhwar Peth, Pune 2 Phone : 34494
and Published by Pamo N. Manchandya.
5/20, Sadhu Vaswani Kunj, Pune 1, Phone:64174

سنتن جي قدمن

[دادا]

سنتن جي قدمن، سدا شل وهان،
سندن رحم روشن، سدا آن ۾ رهان!
ڪپي ڪاڻ دؤلت، نڪي دنيا ناڻو،
ڪپي ان قدمن جي، خاڪ جو خزانو!
پيمان شال مان، سندن مهر پاڻي،
ٻي ٻي وڻان، شل رحم رهاڻي!
رکن شال در تي، پنهنجي هي ۾ داسي،
پيارن جي پدمن لئه، آهيان آن ۾ پياسي!
ڪمل مکڙو نرمل، وڌهي شل نهاريان،
پائي پياس دل ۾، تن کي پڪاريان!
وياڪل ويڳاڻي، آهه نوري نماڻي،
سنتن جي در تي سدا آهه وڪاڻي!

سنت ساهتيه

دادا جينتي
١٠٦ جنم دن پرچو
٨٥.١١.٢٥

Regd. No. PNC-E/13